# غُسل جو طريقو

## (حنفي)




غُسل جا 21 اِحتياط 5
غُسل فرض ٿيڻ جا 5 سبب 7
ڪڏهن غسل ڪرڻ سنت آهي 12
بنا ڪپڙن جي وهنجڻ وقت احتياط 14
ٻار ڪڏهن بالغ ٿيندو آهي؟ 17
بي وضو ديني ڪتابن کي هٿ لڳائڻ 17
تيمّم جو طريقو 20
تيمّم جا 25 مدني گل 21



شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابوبلال

مُحمّد الياس عطّار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه

شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني ءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# غُسل جو طريقو

**ترجمو پيشڪش**

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**

**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران**

**پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**فون نمبر**: 021-34921389-90-91

*E-mail: translation@dawateislami.net*

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# غُسل جو طريقو (حنفي)

هي رسالو مڪمل پڙهي وٺو، قوي امڪان آهي جو اوهان جي ڪيترين ئي غلطين جي اصلاح ٿي ويندي.

## دُرود شريف جي فضيلت

سرڪارِ مدينہ، سلطانِ باقرينہ، قرارِ قلب و سينہ، فيض گنجينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشادِ رحمت بنياد آهي: ”مون تي درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪريو بيشڪ اهو توهان لاءِ طَهارت آهي.“

(مسند ابي يعليٰ ج 5 ص 458 حديث 6383)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اَنوکي سَزا

حضرت سيِّدُنا جُنيد بغدادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْهَادِي فرمائن ٿا: اِبنُ الڪُرَيْبي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِي جن چيو: هڪ ڀيري مون کي اِحتِلام ٿي پيو، ۽ مون ارادو ڪيو تہ انهيءَ وقت غُسل ڪيان، پر اها سخت سياري جي رات هئي نفس سُستي ڪندي مشورو ڏنو: ”اجا ڪافي رات پئي آهي ايتري جلدي ڇا جي لاءِ! صبح جو آرام سان غسل ڪري ڇڏجانءِ.“ مون جلدي نفس کي انوکي سزا ڏيڻ لاءِ قسم کنيو تہ هينئر ئي ڪپڙن سميت وهنجندس ۽ وهنجڻ کان پوءِ ڪپڙن کي نپوڙيندس بہ نہ ۽ انهن کي پنهنجي بدن تي ئي خشڪ ڪندس، پوءِ مون ائين ئي ڪيو، واقعي جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪم ۾ سُستي ڪري اهڙي نافرمان نفس جي اها ئي سزا آهي. (ڪيمياءِ سعادت ج 2 ص 892)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

نِہنگ و اژدہا مارا اگر چہ شیرِ نر مارا

بڑے موذی کو مارا نفسِ امّارہ کو گر مارا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! اسان جا بُزُرگ رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰي پنهنجي نفس جي چالبازين کي ناڪام بڻائڻ لاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون مُصِيبتون سَهندا هئا، هن حڪايت مان اهي اسلامي ڀائر درس حاصل ڪن جيڪي رات جو اِحتِلام پئجي وڃڻ جي صورت ۾ آخرت جي خوفناڪ شرم کي وساري رُڳو گهروارن کان شرمائي ڪري، يا غسل جي مُعاملي ۾ سُستي ڪري، نمازِ فجر جي جماعت ضايع بلڪ مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ نماز ٻه قضا ڪري ڇڏيندا آهن! جڏهن ٻه غسل فرض ٿي وڃي ته نماز جو وقت اچڻ تي فوراً غُسل ڪرڻ گهرجي، حديثِ پاڪ ۾ آهي: ”ملائڪ ان گهر ۾ داخل ناهن ٿيندا، جنهن ۾ تصوير، ڪُتو ۽ جُنُب (يعني جنهن تي جِماع يا اِحتِلام يا شَهوَت سبب مني نڪرڻ جي ڪري غُسل فرض ٿي ويو) هجي.“ (ابو داؤد ج 1 ص 109 حديث 227)

## غُسل جو طريقو (حنفي)

بنا زبان چورڻ جي دل ۾ هيئن نيّت ڪريو ته مان پاڪائي حاصل ڪرڻ لاءِ غُسل ڪريان ٿو، پهرين ٻئي هٿ ڪراين تائين ٽي ٽي ڀيرا ڌوئو، پوءِ پيشاب واري جڳهه ڌوئو چاهي نجاست هجي يا نه، ۽ پوءِ جيڪڏهن جسم تي ڪٿي نجاست هجي ته ان کي دور

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

ڪيو، پوءِ وضو ڪريو پر پير نه ڌوئو، ها جيڪڏهن صَندلي وغيره تي ويهي غسل ڪري رهيا آهيو ته پير به ڌوئي ڇڏيو، پوءِ جسم تي تيل وانگر پاڻي مکيو، خاص ڪري سياري ۾ (ان دؤران صابڻ به هڻي سگهو ٿا) پوءِ ٽي ڀيرا ساڄي ڪُلهي تي پاڻي وهايو ۽ پوءِ کاٻي ڪُلهي تي، پوءِ ٽي ڀيرا مٿي تي ۽ سڄي جسم تي، پوءِ غسل جي جاءِ کان هٽي وڃو، جيڪڏهن وضو ڪرڻ ۾ پير نه ڌوتا هئا ته هاڻي ڌوئي ڇڏيو، وهنجڻ مهل قبلي ڏانهن رُخ نه ڪيو، سڄي جسم تي هٿ ڦيري ۽ مَهٽي وهنجو، اهڙي جڳهه تي وهنجو جو ڪنهن جي نظر نه پوي، جيڪڏهن اهو ممڪن نه هجي ته مرد پنهنجي اوگهڙ (دُنَ کان وٺي ٻنهي گوڏن سميت) ڪنهن ٿُلهي ڪپڙي سان ڍڪي، ٿلهو ڪپڙو نه هجي ته ضرورت مطابق ٻه يا ٽي ڪپڙا ويڙهي ڇڏي ڇوته سنهو ڪپڙو هوندو ته پاڻيءَ سان جسم تي چنبڙي پوندو ۽ **مَعَاذَاللهِ** عَزَّوَجَلَّ گوڏن يا رانن وغيره جي رنگت ظاهر ٿيندي، عورت کي ته اجا به وڌيڪ اِحتِياط جي ضرورت آهي. غُسل جي دؤران بالڪل نه ڳالهايو ۽ ڪا دُعا به نه پڙهو، وهنجڻ کان پوءِ ٽوال سان بدن اگهڻ ۾ حرج ناهي، وهنجڻ کان پوءِ جلدي ڪپڙا پائي ڇڏيو ۽ جيڪڏهن مڪروهه وقت نه هجي ته ٻه رڪعت نفل ادا ڪرڻ مُستَحَب آهي.

(عالمگيري ج 1 ص 14 ماخوذ از بهار شريعت ج 1 ص 319 وغيره)

# غُسل جا ٽي فرض

﴿1﴾ ڪُرڙي ڪرڻ ﴿2﴾ نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻ ﴿3﴾ سڄي ظاهري جسم تي پاڻي وهائڻ.

(فتاويٰ عالمگيري ج 1 ص 13)

## ﴿1﴾ ڳُرڙي ڪرڻ

وات ۾ ٿورو پاڻي کڻي پُچ ڪري اُڇلڻ جو نالو ڳُرڙي ناهي، بلڪ وات جي هر حصي، چپن کان نِڙيءَ جي پاڙ تائين هر جڳهہ تي پاڻي وهي وڃي. اهڙيءَ طرح ڏاڙهن جي پُٺيان ڳِلن جي تهہ ۾، ڏندن جي وِٿين، پاڙن ۽ زبان جي هر پاسي تي بلڪ نِڙيءَ جي آخري حصي تائين پاڻي وهي وڃي. روزو نہ هجي تہ ڳُرڙا بہ ڪريو، اهي سنّت آهن. ڏندن ۾ سوپاري جا داڻا يا گوشت جا ذرڙا وغيره هجن تہ انهن کي ڪڍڻ ضروري آهي، ها جيڪڏهن ڪڍڻ ۾ ڪو نقصان جو انديشو هجي تہ معاف آهي. غسل کان پهرين ڏندن ۾ ذرڙا وغيره محسوس نہ ٿيا ۽ رهجي ويا نماز بہ پڙهي ڇڏي ۽ پوءِ خبر پوڻ تي ڪڍي پاڻي وهائڻ فرض آهي اڳ ۾ جيڪا نماز پڙهي هئي اها ٿي وئي. جيڪو لُڏندڙ ڏند مَسالي سان لڳايو ويو هجي يا تار سان ٻَڌو ويو هجي ۽ تار يا مسالي جي هيٺان پاڻي نہ پهچندو هجي تہ معاف آهي. (بهارشريعت ج 1 ص 316، فتاويٰ رضويہ ج 1 ص 440، 439) **جيئن هڪ ڳُرڙي** غسل جي لاءِ فرض آهي تيئن ٽي ڳُرڙيون وضوءَ جي لاءِ سنّت آهن.

## ﴿2﴾ نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻ

جلدي جلدي نڪ جي چوٽيءَ تي پاڻي لڳائڻ سان ڪم نہ هلندو بلڪ جيستائين نرم جڳهہ آهي يعني سخت هڏي جي شروع تائين ڌوئڻ لازمي آهي ۽ اهو ائين ٿي سگهندو جو پاڻي سنگهي مٿي ڇڪيو ۽ اهو خيال ڪريو تہ وار برابر بہ جڳهہ ڌوئڻ کان رهجي نہ وڃي، نہ تہ غسل نہ ٿيندو. نڪ جي اندر سنگهہ ڄمي وئي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي. (ابو يعليٰ)

هجي ته ان کي صاف ڪرڻ فرض آهي ۽ نڪ جي وارن جو ڌوئڻ به فرض آهي. (ايضًا، ص 442، 443)

## ﴿3﴾ سڄي ظاهري جسم تي پاڻي وهائڻ

مٿي جي وارن کان وٺي پيرن جي ترِين تائين جسم جي هر حصي ۽ هر هر وار تي پاڻي وهي وڃڻ فرض آهي، جسم جون ڪجهه جڳهون اهڙيون آهن جو جيڪڏهن اِحتِياط نه ڪيو وڃي ته اهي خُشڪ رهجي وينديون ۽ غُسل نه ٿيندو. (بهار شريعت ج 1 ص 317)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”صَلَّي اللّٰهُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه“ جي 21 اکرن جي نسبت سان مرد ۽ عورت ٻنهي جي لاءِ غُسل جا 21 اِحتياط

۞ جيڪڏهن مرد جي مٿي جا وار ڳُتيَل هجن ته انهن کي کولي پاڙن کان چوٽي تائين پاڻي وهائڻ فرض آهي ۽ ۞ عورت جي لاءِ رُڳو پاڙن کي آلو ڪرڻ ضروري آهي کولڻ ضروري ناهي، ها جيڪڏهن چوٽي ايتري سخت ڳُتيل آهي جو بنا کولڻ جي پاڙون آليون نه ٿينديون ته کولڻ ضروري آهي ۞ جيڪڏهن ڪنن ۾ والي يا نڪ ۾ نٿ جو سوراخ هجي ۽ اهو بند نه هجي ته ان ۾ پاڻي وهائڻ فرض آهي، وضوءَ ۾ رُڳو نڪ جي نٿ واري سوراخ ۾ ۽ غسل ۾ جيڪڏهن ڪن ۽ نڪ ٻنهي ۾ سوراخ هجن ته ٻنهي ۾ پاڻي وهايو ۞ پِرون، مُڇن ۽ ڏاڙهيءَ جي هر وار جو پاڙ کان چوٽيءَ تائين ۽ ان جي هيٺين کَل جو ڌوئڻ ضروري آهي ۞ ڪَنَ جو هر حصو ۽ ان جي هر سوراخ جو منهن ڌوئو ۞ ڪنن جي پُنيان وار هٽائي پاڻي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

وهايو ۞ ڪاڏي ۽ ڳلي جو سَنڌ، اهو ڪاڏي کڻڻ بنا نه ڌوپندو ۞ ٻانهن کي چڱيءَ طرح مٿي کڻي بغل ڌوئو ۞ ٻانهن جو هر پاسو ڌوئو ۞ پُنيءَ جو هر حصو ڌوئو ۞ پيٽ جا گُھنج ڪولي ڌوئو ۞ دُنَ ۾ ٻه پاڻي وجهو جيڪڏهن پاڻي وهڻ ۾ شڪ هجي ته دُنَ ۾ آڱر وجهي ڪري ڌوئو ۞ جسم جو هر وار پاڙ کان چوٽيءَ تائين ڌوئو ۞ ران ۽ دُنَ جي هيٺئين حصي جي سَنڌ کي ڌوئو ۞ جڏهن ويهي ڪري وهنجو ته ران ۽ پِنيءَ جي سَنڌ تي ٻه پاڻي وهائڻ ياد رکو ۞ ٻنهي سُرين جي ملڻ واري جڳهه جو خاص خيال رکو، خاص ڪري جڏهن بيهي وهنجو ۞ رانن جي گولائي ۽ ۞ پِنين جي پاسن تي پاڻي وهايو ۞ عُضوءِ تناسُل ۽ خصِين جي هيٺين سطح واري سَنڌ تائين ۞ خصِين واري هيٺين جاءِ پاڙ تائين ڌوئو ۞ جنهن جو طُهر ٿيل نه هجي جيڪڏهن اها ڪل چڙهي سگهندي هجي ته ڪل چاڙهي ڌوئي ۽ ڪل جي اندر پاڻي چاڙهي. (ملخص از بهارِ شريعت ج 1 ص 317،318)

## عورتن لاءِ 6 احتياط

﴿1﴾ لڙڪيل پِستان (يعني ڇاتين) کي مٿي ڪري پاڻي وهايو ﴿2﴾ پِستان ۽ پيٽ جي جوڙ جي سَنڌ ڌوئو ﴿3﴾ فَرج خارج (يعني عورت جي شرمگاهه جي ٻاهرئين حصي) جو هر پاسو ۽ هر حصو هيٺ مٿي خوب احتياط سان ڌوئو ﴿4﴾ فَرج داخل (يعني شرمگاهه جي اندرئين حصي) ۾ آڱر وجهي ڪري ڌوئڻ فرض ناهي، بلڪ مُسْتَحَب آهي ﴿5﴾ جيڪڏهن حَيض يا نِفاس کان فارغ ٿي غسل ڪريو ته ڪنهن پراڻي ڪپڙي سان فَرج داخل جي اندران رت جو اثر صاف ڪرڻ مُسْتَحَب

فرمانِ مصطفي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

آهي. (بهارِ شريعت ج 1 ص 318) ﴿6﴾ جيڪڏهن نيل پالش ننهن تي لڳل آهي ته ان کي ختم ڪرڻ به فرض آهي نه ته غسل نه ٿيندو، ها ميندي جي رنگ ۾ حرج ناهي.

## زخم جي پٽي

زخم تي پٽي وغيره ٻَڌل هجي ۽ ان کي کولڻ ۾ نقصان يا حَرج ٿئي ته پَٽيءَ تي ئي مَسَحُ ڪرڻ ڪافي آهي ۽ ڪنهن جاءِ تي بيماري يا سور جي ڪري پاڻي وهائڻ نقصان ڏيندو هجي ته ان پوري عُضوي تي مَسَحُ ڪري ڇڏيو، پَٽي ضرورت کان وڌيڪ ويڙهيل نه هجڻ گهرجي نه ته مَسَحُ ڪافي نه ٿيندو ۽ جيڪڏهن ضرورت کان وڌيڪ جڳهه گهيرڻ کان سواءِ پَٽي ٻَڌڻ ممڪن نه هجي مثلاً ٻانهن تي زخم آهي پر پَٽي ٻانهن جي گولائيءَ ۾ ٻَڌل آهي جنهن سبب ٻانهن جو چڱو حصو پَٽيءَ ۾ لِڪيل آهي ته پوءِ جيڪڏهن کولڻ ممڪن آهي ته کولي ان حصي کي ڌوئڻ فرض آهي، جيڪڏهن ناممڪن آهي يا کولڻ ته ممڪن آهي پر وري ٻيهر اهڙي نه ٻَڌي سگهبي ۽ ائين زخم وغيره کي نقصان پهچڻ جو انديشو آهي ته سڄي پَٽيءَ تي مَسح ڪرڻ ڪافي آهي ۽ جسم جو اهو صحيح حصو به ڌوئڻ کان معاف ٿي ويندو. (بهارِ شريعت ج 1 ص 318)

## غُسل فرض ٿيڻ جا 5 سبب

﴿1﴾ مَنِي جو پنهنجي جڳهه کان شَهوَت سان جدا ٿي عضوي مان نڪرڻ ﴿2﴾ اِحتِلام يعني ننڊ ۾ مني جو نڪري وڃڻ ﴿3﴾ شرمگاهه ۾ حَشَفَہ (يعني خاص عُضوي جي مُنڍ واري حصي) جو داخل ٿيڻ،

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنھن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو تہ جيستائين منھنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رھندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رھندا. (طبراني)

چاهي شَهوَت هجي يا نہ هجي. (اِنزَال ٿئي يا نہ ٿئي ٻنهي تي غُسل فرض آهي) ﴿4﴾ حَيض ڪان فارغ ٿيڻ ﴿5﴾ نِفاس (يعني ٻار ڄَڻَڻ ڪان پوءِ جيڪو رَت ايندو آهي ان) ڪان فارغ ٿيڻ. (بهارِشريعت ج 1 ص 321، 324)

## نِفاس بابت ضروري وضاحت

گهڻين عورتن ۾ اهو مشهور آهي تہ ٻار ڄڻڻ ڪانپوءِ عورت چاليهہ ڏينهن تائين لازمي طور تي ناپاڪ رهندي آهي، اها ڳالهہ بلڪل غلط آهي. نِفاس جو تفصيل ملاحظہ ڪيو: ٻار ڄَڻَڻ ڪان پوءِ جيڪو رت ايندو آهي ان کي نِفاس چئبو آهي ان جي وڌ ۾ وڌ مُدَت چاليهہ ڏينهن آهي يعني جيڪڏهن چاليهہ ڏينهن ڪان پوءِ بہ بند نہ ٿيو تہ بيماري آهي. ان ڪري چاليهہ ڏينهن پورا ٿيندي ئي غُسل ڪري وٺي ۽ جيڪڏهن چاليهہ ڏينهن ڪان اڳ بند ٿي وڃي يا ٻار ڄمڻ ڪان هڪ مِنٽ جي اندر ئي بند ٿي وڃي تہ جنهن وقت بہ بند ٿيو تہ غُسل ڪري وٺي ۽ نماز روزا شروع ڪري ڇڏي. جيڪڏهن چاليهہ ڏينهن جي اندر اندر ٻيهر رت اچي ويو تہ ٻار ڄمڻ ڪان وٺي رت بند ٿيڻ تائين سڀئي ڏينهن نِفاس ۾ ئي شمار ٿيندا. مثال طور ڄَمڻ ڪان پوءِ ٻن مِنٽن تائين رت اچڻ بند ٿي ويو ۽ عورت غسل ڪري نماز روزو وغيره ادا ڪندي رهي، چاليهہ ڏينهن پورا ٿيڻ ۾ باقي بہ منٽ هئا جو ٻيهر رت اچي ويو تہ مڪمل چاليهہ ڏينهن نِفاس جا شمار ڪيا ويندا، جيڪي بہ نمازون پڙهيون يا روزا رکيا سڀ بيڪار ٿي ويا، ايتري تائين جو جيڪڏهن ان دؤران فرض ۽ واجِب نمازون يا روزا قضا ڪيا هئائين تہ اهي بہ ٻيهر ادا ڪري. (فتاويٰ رضويہ ج 4 ص 354، 356)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

# پنج ضروري احڪام

﴿1﴾ مَنِي شَهوَت سان پنهنجي جڳهه کان الڳ نہ ٿي بلڪ وزن کڻڻ يا مٿان کان هيٺ لهڻ، پائخانو خارج ڪرڻ لاءِ زور لڳائڻ جي صورت ۾ خارج ٿي تہ غُسل فرض ناهي، پر وضو بهرحال ٽُٽي ويندو ﴿2﴾ جيڪڏهن مَنِي ڄِدي ٿي وئي ۽ پيشاب جي وقت يا هونئن ئي بنا شهوت جي ان جا قطرا نڪري آيا غسل فرض نہ ٿيو وضو ٽُٽي پوندو ﴿3﴾ جيڪڏهن اِحتلام پوڻ ياد آهي پر ان جو ڪو اثر ڪپڙن وغيره تي ناهي تہ غسل فرض ناهي ﴿4﴾ نماز ۾ شَهوَت تي ۽ مني نڪرندي محسوس ٿي پر ٻاهر نڪرڻ کان اڳ ۾ ئي نماز پوري ڪري ورتي ۽ بعد ۾ نڪتي تہ نماز ٿي وئي پر هاڻي غسل فرض ٿي ويو. (بهارِ شريعت ج 1 ص 321، 322) ﴿5﴾ پنهنجي هٿن سان مني خارج ڪرڻ سان غسل فرض ٿي ويندو آهي اهو گناهہ جو ڪم آهي، حديثِ پاڪ ۾ ائين ڪرڻ واري کي مَلعُون (يعني لعنتي) چيو ويو آهي. (أمالي ابن بشران ج 2 ص 5 رقم 477، حاشية الطحطاوي علي مراقي الفلاح ص 96) ائين ڪرڻ سان مَردانہ ڪمزوري پيدا ٿيندي آهي ۽ اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ آخرڪار اهڙو ماڻهو شاديءَ جي لائق نہ رهندو آهي.

# هٿ سان مَنِي خارج ڪرڻ جو عذاب

منهنجي آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، مولانا شاهہ احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ويو هڪ شخص مَجلُوق (يعني هٿ سان مني خارج ڪندڙ) آهي اهو ان ڪم کان نہ ٽو مُڙي ۽ ڪيترائي پيرا ڪيس سمجهايو ويو آهي، توهان تحرير فرمايو تہ ان

جو ڇا حشر ٿيندو، ۽ ان کي ڪهڙي دعا پڙهڻ گهرجي جنهن سان ان جي عادت ختم ٿي وڃي؟

**اعليٰحضرت جو ارشاد:** اهو (شخص) گناهگار آهي[1]، بدڪار آهي، گناهه تي اِصرار ڪرڻ ڪري ڪبيره گناهه جو مُرتَڪِب آهي، فاسِق ﺑﻪ آهي، جيڪڏهن اهي توبہ نہ ڪن تہ قيامت جي ڏينهن اهڙن جي (يعني هٿ سان مني خارج ڪرڻ وارن جي) هٿن جون ٽِريون حامله (يعني ٻورهاريون) هونديون جنهن سان وڏي ميڙ ۾ انهن جي تَذلِيل (يعني بدنامي) ٿيندي، ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جنهن کي چاهي مُعاف فرمائيندو آهي، ۽ جنهن کي چاهي عذاب فرمائيندو آهي، ان کي گهرجي تہ **لَاحَولَ** شريف جي ڪثرت ڪري، جڏهن شيطان ان حرڪت جي طرف سڏي تہ فورًا دل سان خدا عَزَّوَجَلَّ ڏانهن تَوَجُّه ڪري **لَاحَول** پڙهي، پنج وقتن جي نماز جي پابندي ڪري، فجر جي نماز ڪان پوءِ روزانو سُوْرَةُ الْاِخْلَاص جو وِرد جاري رکي وَاللهُ تَعَالٰى اَعْلَم. (فتاويٰ رضويه ج 22 ص 244)

(شجرهءِ عطاريه ص 16 تي آهي: هر صبح جو سُوْرَةُ الْاِخْلَاص يارهن ڀيرا پڙهي، پوءِ جيڪڏهن شيطان لشڪر سميت ان ڪان گناهه ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري تہ نہ ڪرائي سگهندو جيستائين هو پاڻ نہ ڪري)

## وهندڙ پاڻيءَ ۾ غُسل جو طريقو

جيڪڏهن وهندڙ پاڻي **مثلاً** درياءَ يا واهه ۾ وهجندؤ تہ ٿوري دير ان ۾ رهڻ سان ٽي ڀيرا ڌوئڻ، ترتيب ۽ وضو اهي سڀ سنّتون ادا ٿي ويون ۽ ان جي ﺑﻪ ضرورت ناهي تہ عُضون کي ٽي ڀيرا

(1) هٿ سان مني خارج ڪرڻ جي نقصان جي تفصيلي معلومات لاءِ سگِ مدينہ عُفِيَ عَنه جو رسالو "قوم لوط جون تباهہ ڪاريون" پڙهي وٺو.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

حرڪت ڏئي. جيڪڏهن تلاءُ وغيره بينل پاڻي ۾ وهنجو تہ عُضون ڪي ٽي ڀيرا حرڪت ڏيڻ يا جڳهہ بدلائڻ سان ٽي ڀيرا ڌوئڻ جي سنّت ادا ٿي ويندي، برسات ۾ (نلڪي يا ڦوهاري جي هيٺان) بيهڻ وهندڙ پاڻي جي حُڪم ۾ آهي، وهندڙ پاڻيءَ ۾ وضو ڪيو تہ ٿوري دير عُضوي ڪي پاڻيءَ ۾ رکي ڇڏڻ ۽ بينل پاڻيءَ ۾ حرڪت ڏيڻ ٽي ڀيرا ڌوئڻ جي قائم مقام آهي. (بهارِ شريعت ج 1 ص 320) وُضُو ۽ غسل جي انهن سڀني صورتن ۾ ڪُرڙي ۽ نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻو پوندو.

## ڦوهارو وهندڙ پاڻيءَ جي حڪم ۾ آهي

فتاويٰ اهلسنّت (غير مطبوعہ) ۾ آهي: ڦوهاري (يا نلڪي) جي هيٺان غسل ڪرڻ وهندڙ پاڻي جي حڪم ۾ آهي، انهيءَ ڪري ان جي هيٺان غُسل ڪندي، وضو ۽ غُسل ڪرڻ جيتري وقت جي مدت تائين بيٺو تہ ٽي ڀيرا ڌوئڻ واري سنّت ادا ٿي ويندي. "دُرِّمُختار" ۾ آهي: "جيڪڏهن وهندڙ پاڻي يا وڏي حوض يا برسات ۾ وضو ۽ غسل ڪرڻ جي وقت جيترو بيٺو تہ ان پوري سنّت ادا ڪئي." (درمختار ج 1 ص 320) اهو ياد رهي! غسل يا وضو ۾ ڪُرڙي ڪرڻ ۽ نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻو آهي.

## ڦوهاري جا احتياط

جيڪڏهن توهان جي غسل خاني ۾ ڦوهارو (SHOWER) هجي تہ ان ڪي چڱي ريت ڏسي وٺو تہ ڪٿي ان ڏانهن منهن ڪري، بغير ڪپڙن جي وهنجڻ سان منهن يا پُٺ قبلي ڏانهن تہ نہ ٿي رهي آهي، استنجا خاني (يعني ليٽرين) ۾ بہ اهڙيءَ طرح احتياط ڪريو.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

قبلي ڏانهن منهن يا پُٺ هجڻ جي معنيٰ اها آهي تہ 45 ڊگري جي ڪنڊ جي اندر اندر هجي، تنهنڪري اهو احتياط بہ ضروري آهي تہ 45 ڊگري جي ڪنڊ (Angle) کان ٻاهر هجي، هن مسئلي کان ڪافي ماڻهو نا واقف آهن.

## W.C جو رخ صحيح ڪريو

مهرباني ڪري پنهنجي گهر وغيره جي ڊبليو. سي (W.C) ۾ ڦوهاري جو رخ جيڪڏهن غلط هجي تہ ان کي صحيح ڪري ڇڏيو. وڏيڪ احتياط انهيءَ ۾ آهي تہ W.C قبلي کان 90 درجن تي يعني نماز پڙهڻ ۾ سلام ڦيرڻ جي رخ ڏانهن ڪري ڇڏيو. ڪاريگر عام طور تي تعميراتي سهولت ۽ خوبصورتيءَ جو لحاظ رکندا آهن ۽ قبلي جي آداب جي پرواهہ ناهن ڪندا، مسلمانن کي گهرن جي غير واجبي بهتري بجاءِ آخرت جي حقيقي بهتريءَ تي نظر رکڻ گهرجي.

کچھ نیکیاں کمالے جلد آخرت بنالے

بھائی نہیں بھروسا ہے کوئی زندگی کا

## ڪڏهن غسل ڪرڻ سنت آهي

جُمعةُ المُبارَڪ، عِيدُالفطر، عِيدُالاضُحیٰ، عَرَفَہ جي ڏينهن (يعني نائين ذوالحجَّةِ الحَرام) ۽ اِحرام ٻَڌڻ وقت وهنجڻ سنّت آهي.

(فتاويٰ عالمگيري ج 1 ص 16)

## ڪڏهن غُسل ڪرڻ مُستَحَب آهي

﴿1﴾ عَرَفات ۾ وُقُوف ڪرڻ (ترسڻ) وقت ﴿2﴾ مُزدَلِفِي ۾ وُقُوف ڪرڻ وقت ﴿3﴾ حرم شريف جي حاضريءَ وقت ﴿4﴾ سرڪارِ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي.** (عبدالرزاق)

**مدينہ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن جي بارگاھ ۾ حاضريءَ وقت ﴿5﴾ طَواف ﴿6﴾ مِنيٰ ۾ داخل ٿيڻ وقت ﴿7﴾ جَمرا** (يعني شيطانن) **کي پٿريون هڻڻ لاءِ ٺئي ڏينهن ﴿8﴾ شبِ براءَت ۾ ﴿9﴾ شبِ قَدر ۾ ﴿10﴾ عَرَفہ** (يعني نائين ذُوالحَج) **جي رات ﴿11﴾ مِيلاد شريف جي مَجلِس ﴿12﴾ ٻين نيڪ مجلسن لاءِ ﴿13﴾ مُردي کي وهنجارڻ کان پوءِ ﴿14﴾ چريي جي لاءِ چريائپ ختم ٿيڻ کان پوءِ ﴿15﴾ بيهوشيءَ کان هوش اچڻ کان پوءِ ﴿16﴾ نشو لهڻ کان پوءِ ﴿17﴾ گناھ کان توبهہ ڪرڻ ﴿18﴾ نوان ڪپڙا پائڻ وقت ﴿19﴾ سفر کان اچڻ وارن لاءِ ﴿20﴾ اِسۡتِحاضہ جو رَت بند ٿيڻ ڪانپوءِ ﴿21﴾ سج گرهڻ ۽ چنڊ گرهڻ جي نماز لاءِ ﴿22﴾ اِسۡتِسۡقَاء جي نماز لاءِ ﴿23﴾ خوف، اوندھ ۽ تيز آنڌاري جي لاءِ ﴿24﴾ جسم تي ناپاڪي لڳي ۽ اها خبر نہ پئي تہ ڪهڙي جڳهہ تي لڳي آهي.**

(بهارِ شريعت ج 1 ص 324،325، درمختار و ردالمحتار ج 1 ص 341، 343)

## هڪ غُسل ۾ مختلف نيتون

**جنهن تي ڪجهہ غسل هجن، سڀني جي نيّت ڪري هڪ غسل ڪيو تہ سڀ ادا ٿي ويا ۽ سڀني جو ثواب ملندو. جُنُب جُمعي يا عيد جي ڏينهن غسلِ جنابت ڪيو ۽ جمعي ۽ عيد وغيره جي نيت بہ ڪئي تہ سڀ ادا ٿي ويا، جيڪڏهن انهي غسل سان جمعي ۽ عيد جي نماز ادا ڪري.** (ماخوذ از بهارِ شريعت ج 1 ص 325)

## بَرسات ۾ غُسل

**ماڻهن جي سامهون اوگهڙ کولي وهنجڻ حرام آهي.** (فتاويٰ رضويہ ج 3 ص 306) **برسات وغيره ۾ بہ وهنجو تہ پاجامي يا سلوار جي**

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاکم)

مٿان مزيد ٿلهي، رنگين چادر ويڙهي ڇڏيو تہ جيئن سلوار يا پاجامو پاڻيءَ سان چنبڙي وڃي تہ بہ رانن وغيره جي رنگت ظاهر نہ ٿئي.

## سوڙهي لباس واري ڏانهن ڏسڻ ڪيئن آهي؟

لباس سوڙهو هجي يا زور سان هوا هلي يا برسات يا سمنڊ جي ڪناري يا واهہ وغيره ۾ پلي ٿلهي ڪپڙي سان وِهنجو ۽ ڪپڙو اهڙيءَ طرح چنبڙي وڃي جو ڪنهن پوري عُضوي جي اوگهڙ **مثلاً** ران جي مڪمل گولائي ظاهر ٿئي، اهڙي صورت ۾ ان (مخصوص) عُضوي ڏانهن ٻئي ڪي ڏسڻ جائز ناهي، اهوئي حڪم سوڙهي لباس واري جي اوگهڙ جي اپريل عُضوي ڏانهن ڏسڻ جو آهي.

## بنا ڪپڙن جي وهنجڻ وقت خوب احتياط

غُسل خاني ۾ اڪيلا بغير ڪپڙن جي وهنجو يا اهڙو پاجامو پائي وهنجو جو ان جي چنبڙي وڃڻ سان رانن وغيره جي رنگت ظاهر ٿيندي هجي تہ اهڙي صورت ۾ قبلي ڏانهن منهن يا پُٺ نہ ڪيو.

## غسل ڪرڻ سان نزلو ٿي ويندو هجي تہ؟

زُڪام يا آشوبِ چشم جي بيماري وغيره هجي ۽ اهو صحيح گمان هجي تہ مٿي تي پاڻي وجهي وهنجڻ سان بيماري وڌي ويندي ۽ ٻيون بيماريون پيدا ٿينديون تہ گُرڙي ڪريو، نڪ ۾ پاڻي وجهو ۽ ڪنڌ تي پاڻي وجهي وهنجو ۽ مٿي جي هر حصي تي آلو هٿ ڦيري ڇڏيو تہ غسل ٿي ويندو. صحتياب ٿيڻ ڪانپوءِ مٿو ڌوئي ڇڏيو ۽ سڄو غسل نئين سر ڪرڻ ضروري ناهي. (بهارِ شريعت ج 1 ص 318)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

## بالٽيءَ سان وهنجڻ وقت اِحتياط

جيڪڏهن بالٽيءَ مان غسل ڪريو ته احتياط طور ان کي اسٽول (Stool) وغيره تي رکي ڇڏيو ته جيئن بالٽيءَ ۾ ڇنڊا نہ پون، ۽ پڻ غسل ۾ استعمال ڪرڻ جو مگو بہ فرش تي نہ رکو.

## وارن جي ڳنڍ

وارن ۾ ڳنڍ پئجي وڃي تہ غُسل ۾ ان کي کولي پاڻي وهائڻ ضروري نہ آهي. (بهارِ شريعت ج 1 ص 318)

## ”قرآن مقدس آهہ“ جي ڏهہ اکرن جي نسبت سان ناپاڪيءَ جي حالت ۾ قرآن پاڪ پڙهڻ يا ڇُهڻ جا 10 مسئلا

﴿1﴾ جنهن تي غسل فرض هجي تہ ان کي مسجد ۾ وڃڻ، طواف ڪرڻ، قرآن پاڪ کي هٿ لڳائڻ، بغير هٿ لڳائڻ جي زباني پڙهڻ، ڪنهن آيت جو لکڻ، آيتن وارو تعويذ لکڻ (هي ان صورت ۾ حرام آهي جنهن ۾ ڪاغذ کي ڇُهڻو پوي جيڪڏهن ڪاغذ کي نہ ڇهي تہ لکڻ جائز آهي) (فتاويٰ اهلسنّت غير مطبوع) اهڙو تعويذ ڇهڻ، اهڙي مُندي ڇُهڻ يا پائڻ جنهن تي آيت يا حروفِ مُقَطَّعَات لکيل هجن تہ حرام آهي. (بهارِ شريعت ج 1 ص 326) (ميڻ سان بند ڪيل، ڪپڙي يا پلاسٽڪ ۾ ويڙهي ڪپڙي يا چمڙي ۾ سبيل تعويذ کي پائڻ يا ڇُهڻ ۾ حرج ناهي)

﴿2﴾ جيڪڏهن قرآن پاڪ ڪنهن جُزدان (يعني غلاف وغيره) ۾ هجي تہ بنا وضوءِ غسل جي جُزدان کي ڇُهڻ ۾ حرج ناهي.(بهارِشريعت ج 1 ص 326)

﴿3﴾ اهڙي طرح ڪنهن اهڙي ڪپڙي يا رومال وغيره سان قرآن پاڪ پڪڙڻ جائز آهي جيڪو نہ پنهنجي تابع هجي نہ قرآن پاڪ جي. (ايضاً)

فرمانِ مصطفیٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي. (طبراني)

﴿4﴾ قميص جي اڳ يا ڙئي جي ڪناري سان، ايتريقدر جو چادر جو هڪ ڪنارو ڪلهي تي آهي تہ چادر جي ٻي ڪناري سان قرآن پاڪ ڇُهڻ حرام آهي ڇوتہ اهي سڀ شيون ان جي تابع آهن. (ايضًا)

﴿5﴾ قرآنِ پاڪ جي آيت دعا جي نيّت سان، يا برڪت جي لاءِ مثلاً بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم يا شُڪر ادا ڪرڻ لاءِ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡن يا ڪنهن مسلمان جي موت يا ڪنهن قسم جي نقصان جي خبر تي اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّاۤ اِلَيۡهِ رٰجِعُوۡن يا ثناء جي نيّت سان پوري سُوۡرَةُ الۡفَاتِحَه يا آيَةُ الۡكُرۡسِي يا سُوۡرَةُ الۡحَشر جون آخري ٽي آيتون پڙهيون ۽ انهن سيني سورتن ۾ قرآن پڙهڻ جي نيّت نہ هجي تہ ڪو حرج ناهي. (ايضاً)

﴿6﴾ ٽئي قُل بنا لفظ "قُل" جي ثناء جي نيّت سان پڙهي سگهو ٿا، "قُل" لفظ سان ثناء جي نيّت سان بہ نہ ٿا پڙهي سگهو، ڇوتہ ان صورت ۾ انهن جو قرآن هجڻ واضح آهي، نيّت ڪي ڪو دخل ناهي. (ايضاً)

﴿7﴾ بنا وضوءَ جي قرآن شريف يا ڪنهن آيت کي هٿ لڳائڻ حرام آهي، بنا هٿ لڳائڻ جي زباني يا ڏسي پڙهڻ ۾ حرج ناهي. (بهارِ شريعت ج 1 ص 326)

﴿8﴾ جنهن ٿانوَ يا وَٽي تي سورت يا قرآني آيت لکيل هجي، بي وضو ۽ بي غسل ماڻهو جو ان کي هٿ لڳائڻ حرام آهي. (ايضاً ص 327)

﴿9﴾ ان جو استعمال سيني لاءِ مڪروهہ آهي، ها خاص شِفا جي نيّت سان ان ۾ پاڻي وغيره وجهي پيئڻ ۾ حرج ناهي.

﴿10﴾ قُرآن پاڪ جو ترجمو فارسي يا سنڌي يا ڪنهن ٻي زبان ۾ هجي ان کي بہ پڙهڻ يا هٿ لڳائڻ ۾ قرآن پاڪ وارو ئي حڪم آهي. (ايضاً)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

## بي وضو ديني ڪتابن کي هٿ لڳائڻ

بي وضو يا اهو جنهن تي غسل فرض هجي ان کي فِقه، تفسير ۽ حديث جي ڪتابن کي هٿ لڳائڻ مڪروه آهي ۽ جيڪڏهن انهن کي ڪنهن ڪپڙي سان هٿ لڳايو جيتوڻيڪ اهي پاتل يا ويڙهيل هجن ته حرج ناهي، پر قرآني آيت يا ان جي ترجمي تي انهن ڪتابن تي به هٿ رکڻ حرام آهي. (بهارِ شريعت ج 1 ص 327)

بي وضو اسلامي ڪتاب کي هٿ لڳائڻ وارا بلڪ اخبارن ۽ رسالن کي به هٿ لڳائڻ وارا احتياط ڪندا رهن جو عام طور تي انهن ۾ آيتون ۽ ترجما شامل هوندا آهن.

## ناپاڪائيءَ جي حالت ۾ دُرود شريف پڙهڻ

جن تي غسل فرض هجي انهن کي دُرود شريف ۽ دعائون پڙهڻ ۾ حَرج ناهي پر بهتر اهو آهي ته وضو يا ڪُرڙي ڪري پڙهن. (بهارِ شريعت ج 1 ص 327) اَذان جو جواب ڏيڻ انهن لاءِ جائز آهي.(عالمگيري ج 1 ص38)

## آڱر ۾ مس (Ink) جو تهه ڄميل هجي ته؟

پَچائڻ واري جي ننهن ۾ اَٽو، لکڻ واري جي هٿ ۾ مَس جو تهه، عام ماڻهن لاءِ مَک، مَچر جي گندگي لڳل رهجي وئي ۽ ڌيان نه رهيو هجي ته غسل ٿي ويندو. ها خبر پوڻ کان پوءِ صاف ڪرڻ ۽ ان جڳهه جو ڌوئڻ ضروري آهي، اڳ ۾ جيڪا نماز پڙهي وئي اها ٿي وئي. (بهارِ شريعت ج 1 ص 319)

## ٻار ڪڏهن بالِغ ٿيندو آهي؟

ڇوڪرو 12 سالن ۽ ڇوڪريءَ 9 سالن کان گهٽ عمر تائين

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

هرگز بالغ ۽ بالغہ نہ ٿيندا، ۽ ڇوڪر ۽ ڇوڪريءَ ٻئي (هجري سِن جي اعتبار کان) 15 سالن جي عمر ۾ ضرور شرعاً بالغ ۽ بالغہ آهن، پلي بالغ ٿيڻ جون علامتون ظاهر نہ بہ ٿين، جيڪڏهن هنن عمرن ۾ ڪا نشاني ظاهر ٿئي يعني پلي ڇوڪري يا ڇوڪريءَ کي سمهندي يا جاڳندي ۾ اِنزال ٿيو (يعني مني نڪتي) يا ڇوڪريءَ کي حيض آيو ...... يا..... جماع سان ڇوڪري (کنهن ڇوڪريءَ کي) حاملہ ڪيائين....... يا..... (جماع جي ڪري) ڇوڪريءَ کي حمل ٿئي تہ يقيناً بالغ ۽ بالغہ آهن ۽ جيڪڏهن نشاني نہ هجي پر اهي پاڻ چون تہ اسان بالغ ۽ بالغہ آهيون ۽ ظاهري احوال بہ انهن جي قول کي ڪوڙو قرار نہ ڏين تڏهن بہ بالغ ۽ بالغہ سمجهيا ويندا ۽ بُلوغت جا سڀئي احڪام لاڳو ٿيندا ۽ ڇوڪري جي ڏاڙهي مڇيون وغيره نڪرڻ يا ڇوڪريءَ جي پِستان (يعني ڇاتي) جي ظاهر ٿيڻ جو اعتبار ناهي. (فتاويٰ رضويہ ج 19 ص 630)

## ڪِتاب رکڻ جي ترتيب

﴿1﴾ قُرآن پاڪ سڀني جي مٿان رکو پوءِ تفسير پوءِ حديث پوءِ فِقه پوءِ ٻيا اسلامي ڪتاب. (بهارِ شريعت ج 1 ص 327)

﴿2﴾ ڪتاب تي ڪا بہ ٻي شيءِ ايتري تائين جو قلم بہ نہ رکو بلڪ جنهن صندوق ۾ ڪتاب هجي ان تي بہ ڪا شيءِ نہ رکو. (ايضاً ص 328)

## ڪاغذن ۾ پُڙي ٻَڌڻ

﴿1﴾ دينيات يا ديني مضمون وارن ڪاغذ ۾ پُڙي ٻَڌڻ (منع آهي)، جنهن دسترخوان يا بستري تي شعر يا ڪنهن بہ زبان ۾ ڪجھ لکيل هجي تہ انهن جو استعمال منع آهي. (بهارِ شريعت ج 1 ص 328)

﴿2﴾ هر زبان جي حُروفِ تَهَجِّي جو ادب ڪرڻ گهرجي. (وڌيڪ تفصيلي معلومات جي لاءِ فيضانِ سنّت جي باب "**فَيضانِ بِسمِ الله**" ص 113 کان 123 تائين جو مطالعو ڪريو)

﴿3﴾ مُصلّي جي ڪناري تي عام طور تي ڪمپني جي نالي واري چِٽ لڳل هوندي آهي، ان کي ڪدي ڇڏيندا ڪريو.

## مُصلي تي ڪَعبَةُ الله شريف جي تصوير

اهڙا مُصلا جن تي ڪَعبَةُ الله شريف يا گُنبذ خضرا نهيل هجي انهن کي نماز ۾ استعمال ڪرڻ سان مُقَدّس تصوير تي پير يا گوڏو پوڻ جو امڪان رهندو آهي، ان ڪري نماز ۾ اهڙي مُصلّي جو استعمال ڪرڻ مناسب ناهي. (فتاويٰ اهلسنّت)

## وَسوَسَن جو هڪ سبب

غُسل خاني ۾ پيشاب ڪرڻ سان وسوسا پيدا ٿيندا آهن. حضرت سيّدُنا عبدالله بن مُغَفَّل رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کان روايت آهي، رسولِ ڪريم، رؤف رَّحيم عَلَيۡهِ اَفۡضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسۡلِيۡم غسل خاني ۾ پيشاب ڪرڻ کان منع ڪيائون ۽ فرمايائون: "بيشڪ عام طور ان سان وسوسا پيدا ٿيندا آهن." (سنن ابي داؤد ج 1 ص 44 حديث 27)

# تَيَمُّم جو بيان

## تَيَمُّم جا فرض

تَيَمُّم ۾ ٽي فرض آهن ﴿1﴾ نيّت ﴿2﴾ سڄي منهن تي هٿ ڦيرڻ ﴿3﴾ نونين سميت ٻنهي ٻانهن جو مَسَحُ ڪرڻ. (بهارِ شريعت ج 1 ص 353، 355)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو.
(ابن عدي)

# "تَيَمُّم سڪي وڃو" جي ڏهن اکرن جي نسبت سان تيمُّم جون 10 سنتون

﴿1﴾ بِسۡمِ الله شريف پڙهڻ ﴿2﴾ هٿن کي زمين تي هڻڻ ﴿3﴾ زمين تي هٿ هڻي اڳتي پوئتي ڪرڻ ﴿4﴾ آڱريون ڪليل رکڻ ﴿5﴾ هٿن کي ڇنڊڻ يعني هڪ هٿ جي آڱوٺي جي پاڙ کي ٻئي هٿ جي آڱوٺي جي پاڙ تي هڻڻ پر اهو احتياط رهي تہ تاڙيءَ جو آواز پيدا نہ ٿئي ﴿6﴾ پهرين منهن پوءِ ٻانهن جو مَسَحُ ڪرڻ ﴿7﴾ ٻنهي جو مَسَحُ مُتواتر ڪرڻ ﴿8﴾ پهرين ساڄي پوءِ کاٻي ٻانهن جو مَسَحُ ڪرڻ ﴿9﴾ ڏاڙهيءَ جو خِلال ڪرڻ ﴿10﴾ آڱرين جو خِلال ڪرڻ جڏهن تہ مٽي لڳي هجي، جيڪڏهن مٽي نہ لڳي هجي مثال طور پٿر وغيره ڪنهن اهڙي شيءِ تي هٿ هنيو جنهن تي مٽي نہ هئي تہ خِلال فرض آهي، خِلال جي لاءِ ٻيهر زمين تي هٿ هڻڻ ضروري ناهي.

(بهارِ شريعت ج 1 ص 356)

## تَيَمُّم جو طريقو (حَنفي)

تَيَمُّم جي نيّت ڪريو (نيّت دل جي ارادي جو نالو آهي، زبان سان بہ چئي ڇڏيو تہ بهتر آهي مثلاً هيئن چئو: پاڪائي حاصل ڪرڻ ۽ نماز جائز هئڻ جي لاءِ تَيَمُّم ڪريان ٿو) بِسۡمِ اللّٰهِ پڙهي ٻنهي هٿن جون آڱريون ويڪريون ڪري ڪنهن اهڙي پاڪ شيءِ جيڪا زمين جي قسم (مثلاً پٿر، چوني، سر، پِٽ، مٽي وغيره) مان هجي ان تي هڻي ڪري اڳتي ۽ پوئتي ڪريو، ۽ جيڪڏهن گهڻي مٽي لڳي وڃي تہ ڇنڊي ڇڏيو ۽ ان سان سڄي منهن جو اهڙيءَ طرح مَسَحُ ڪيو جو ڪو حصو

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي . (مجمع الزوائد)

رهجي نه وڃي، جيڪڏهن وار جيتري به ڪا جڳهه رهجي وئي ته تَيَمُّم نه ٿيندو، پوءِ ٻيهر اهڙي طرح هٿ زمين تي هڻي ڪري ٻنهي ٻانهن جو ننهن کان وٺي نونين سميت مَسَحُ ڪريو. ان جو بهتر طريقو هي آهي ته کاٻي هٿ جي آڱوٺي کان علاوه چار آڱرين جو پيٽ ساڄي هٿ جي پُنيءَ تي رکو ۽ آڱرين جي مُنڍن کان نونين تائين ڪٽي وڃو پوءِ اتان کان کاٻي هٿ جي ئي ترئ سان ساڄي ٻانهن جي پيٽ جو مَسَحُ ڪندي ڪرائيءَ تائين آڻيو، ۽ کاٻي آڱوٺي جي پيٽ سان ساڄي آڱوٺي جي پُنيءَ جو مَسَحُ ڪريو. اهڙيءَ طرح ساڄي هٿ سان کاٻي ٻانهن جو مَسَحُ ڪريو. جيڪڏهن هڪ ئي دفعي سان سڄي تِريءَ ۽ آڱرين سان مَسَحُ ڪري ورتو ته تڏهن به تَيَمُّم ٿي ويو چاهي نوٽ کان آڱرين ڏانهن هٿ ڪٽي ويا، يا آڱرين کان نوٽ ڏانهن ڪٽي ويا، پر سنّت جي خلاف ٿيو، تَيَمُّم ۾ مٿي ۽ پيرن جو مَسَحُ ناهي. (بهارِ شريعت ج 1 ص 353، 354، 356 وغيره)

## ”منهنجي اعليٰ حضرت جي 25 هين شريف“ جي 25 اکرن جي نسبت سان تَيَمُّم جا 25 مدني گل

۞ جيڪا شيءِ باهه ۾ سڙي نه خاڪ ٿيندي هجي ۽ نه پگهرندي هجي ۽ نه ئي نرم ٿيندي هجي ته اها زمين جي جنس (يعني قسم) مان آهي ان سان تَيَمُّم جائز آهي. ريتي، چوني، سرمي، گندرَف، پٿر (ماربل) زمرد، فيروزي، عقيق وغيره جَواهِرن سان تَيَمُّم جائز آهي چاهي انهن تي مٽي هجي يا نه هجي.

(بهارِ شريعت ج 1 ص 357، البحر الرائق ج 1 ص 257)

فرمانِ مصطفيٰ ﷺ: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

۞ پڪي سر، چيني يا نڪر جي ٿانوَ سان تَيَمُّم جائز آهي، ها جيڪڏهن انهن تي ڪنهن اهڙي شيءِ جو تهه هجي جيڪا زمين جي جنس مان ناهي مثلاً شيشي جو تهه هجي ته تَيَمُّم جائز ناهي. (بهارِ شريعت ج 1 ص 358) عام طور چيني وارن ٿانون تي شيشي جو تهه چڙهيل هوندو آهي ان سان تيمم نٿو ٿي سگهي.

۞ جنهن مٽي، پٿر وغيره سان تَيَمُّم ڪيو وڃي ان جو پاڪ هئڻ ضروري آهي يعني نه ان تي ناپاڪيءَ جو اثر هجي ۽ نه ئي ائين هجي جو رڳو خشڪ ٿيڻ سان ناپاڪيءَ جو اثر ختم ٿي ويو هجي. (ايضاً ص 357) زمين، ڀت ۽ اها مٽي جيڪا زمين تي پئي هوندي آهي جيڪڏهن ناپاڪ ٿي وڃي ۽ وري اُس يا هوا سان سُڪي وڃي ۽ ناپاڪيءَ جو اثر ختم ٿي وڃي ته پاڪ آهي ۽ ان تي نماز جائز آهي پر ان سان تَيَمُّم نه ٿو ٿي سگهي.

۞ اهو وهم ڪرڻ اجايو آهي ته ڪڏهن نه ناپاڪ ٿي هوندي ان جو اعتبار نه آهي. (ايضاً ص 357)

۞ جيڪڏهن ڪنهن ڪاٺي، ڪپڙي يا گِلم وغيره تي ايتري مٽي هجي جو هٿ هڻڻ سان آڱرين جو نشان بڻجي وڃي ته ان سان تَيَمُّم جائز آهي. (ايضاً ص 359)

۞ چوني، مٽي ۽ سرن جي ڀِت چاهي گهر جي هجي يا مسجد جي ان سان تَيَمُّم جائز آهي پر ان تي آئل پينٽ، پلاسٽڪ پينٽ ۽ مَيٽ فنش يا وال پيپر وغيره ڪا اهڙي شيءِ نه هئڻ گهرجي جيڪا زمين جي جنس کان علاوه هجي ڀِت تي ماربل هجي ته ڪو حرج ناهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

۞ جنهن جو وضو نہ هجي يا غسل ڪرڻ جي حاجت هجي ۽ پاڻي حاصل نہ ڪري سگهي تہ اهو وضو ۽ غسل جي بدران تَيَمُّم ڪري. (بهارِ شريعت ج 1 ص 346)

۞ اهڙي بيماري جو وضو يا غسل ڪرڻ سان ان جي وڌي وڃڻ يا دير سان صحيح ٿيڻ جو انديشو هجي يا پاڻ کي تجربو آهي جو جڏهن بہ وضو يا غسل ڪيو تہ بيماري وڌي وئي آهي، يا ڪو مسلمان سنو قابِل حڪيم يا ڊاڪٽر جيڪو ظاهري طور تي فاسق نہ هجي اهو چوي تہ پاڻي نقصان ڪندو تہ انهن صورتن ۾ تَيَمُّم ڪري سگهو ٿا. (بهارِ شريعت ج 1 ص 346، درالمختار و ردالمحتار ج 1 ص 441، 442)

۞ جيڪڏهن مٿي تي پاڻي هاري وهنجڻ ۾ نقصان ٿيندو هجي تہ ڪنڌ کان پاڻي وجهي ۽ پوري مٿي جو مَسَحُ ڪريو. (بهارِ شريعت ج 1 ص 347)

۞ جتي چئني پاسي هڪ هڪ ميل تائين پاڻي نہ ملندو هجي اتي بہ تَيَمُّم ڪري سگهو ٿا. (ايضاً)

۞ جيڪڏهن ايترو آبِ زَمزَم شريف پاڻ وٽ موجود آهي جيڪو وضو جي لاءِ ڪافي آهي تہ پوءِ تَيَمُّم جائز ناهي. (ايضاً)

۞ ايتري ٿڌ آهي جو وهنجڻ سان مري وڃڻ يا بيمار ٿيڻ جو پڪو انديشو هجي ۽ وهنجڻ کان پوءِ ٿڌ کان بچڻ جو سامان بہ نہ هجي تہ تَيَمُّم جائز آهي. (ايضاً ص 348)

۞ قيديءَ کي قيد خاني وارا وضو نہ ڪرڻ ڏين تہ تَيَمُّم ڪري نماز پڙهي بعد ۾ ورائي پڙهي ۽ جيڪڏهن اهي دشمن يا قيد خاني وارا نماز بہ پڙهڻ نہ ڏين تہ اشاري سان پڙهي ۽ بعد ۾ ٻيهر پڙهي. (ايضًا 349)

فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

۞ جيڪڏهن اهو شڪ آهي ته پاڻي ڳولڻ ۾ قافلو نظرن کان غائب ٿي ويندو ته تَيَمُّم جائز آهي. (ايضًا ص 350)

۞ مسجد ۾ سُتو پيو هو ۽ غسل فرض ٿي ويو ته جتي هيو اتي ئي جلدي تَيَمُّم ڪري وڃي اِهو ئي احتياط جي وڌيڪ ويجهو آهي. (ماخوذ از فتاوىٰ رضويه ج 3 ص 479) پوءِ ٻاهر نڪري اچي، دير ڪرڻ حرام آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 352)

۞ وقت ايترو ٿورو بچيو آهي جو ان ۾ وضو يا غسل ڪندو ته نماز قضا ٿي ويندي ته تَيَمُّم ڪري نماز پڙهي، پوءِ وضو يا غسل ڪري نماز جو اعادو لازمي آهي. (فتاوىٰ رضويه ج 3 ص 307)

۞ عورت حَيض ۽ نِفاس کان پاڪ ٿي وئي پر پاڻي نه ملي سگهي ته تَيَمُّم ڪري. (بهارِ شريعت ج 1 ص 352)

۞ جيڪڏهن ڪا اهڙي جڳهه آهي جتي نه پاڻي ملي ٿو نه ئي تَيَمُّم جي لاءِ پاڪ مٽي ته ان کي گهرجي ته نماز جي وقت ۾ نماز جهڙي صورت بڻائي يعني تمام نماز جا رڪن بنا نماز جي نيّت جي بجا آڻي. (بهارِ شريعت ج 1ص 353) پر پاڪ پاڻي ۽ مٽي ملڻ تي وضو يا تَيَمُّم ڪري نماز پڙهڻي پوندي.

۞ وضو ۽ غسل ٻنهي جي تَيَمُّم جو هڪ ئي طريقو آهي. (الجوهرة النيرة ص 28)

۞ جنهن تي غسل فرض آهي ان جي لاءِ اهو ضروري ناهي ته وضو ۽ غسل ٻنهي لاءِ ٻه تَيَمُّم ڪري بلڪ ٻنهي لاءِ هڪ ئي نيّت ڪري بئي ٿي ويندا ۽ جيڪڏهن رُڳو غسل يا وضو جي نيّت ڪئي تڏهن به ڪافي آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 354)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

۞ جن شين سان وضو ٽُٽي ويندو آهي يا غُسل فرض ٿي ويندو آهي انهن سان تَيَمُّم بہ ٽُٽي ويندو آهي ۽ پاڻي ملي وڃڻ جي صورت ۾ بہ تَيَمُّم ٽُٽي ويندو آهي. (ايضاً ص 360)

۞ عورت کي جيڪڏهن نڪ ۾ ڪوڪو وغيره پاتل هجي تہ لاهي ڇڏي نہ تہ ڪوڪي جي جڳهہ تي مَسَحُ نہ ٿي سگهندو. (ايضاً ص 355)

۞ چپن جو اهو حصو جيڪو عام طور تي منهن بند هئڻ جي حالت ۾ نظر ايندو آهي ان تي مَسَحُ ٿيڻ ضروري آهي جيڪڏهن منهن تي هٿ ڦيرڻ وقت ڪنهن چپن کي زور سان دٻايو جو ڪجهہ حصو مَسَحُ ٿيڻ کان رهجي ويو تہ تَيَمُّم نہ ٿيندو، ائين ئي زور سان اکيون بند ڪري ڇڏيون تڏهن بہ نہ ٿيندو. (ايضاً)

۞ مُندي، گهڙي وغيره پاتل هجي تہ لاهي انهن جي هيٺان هٿ ڦيرڻ فرض آهي. اسلامي ڀينرون چوڙيون وغيره هٽائي ڪري انهن جي هيٺان مَسَحُ ڪن، تَيَمُّم جا احتياط وضوءَ کان وڌيڪ آهن. (ايضاً)

۞ بيمار يا مَعذُور پاڻ تَيَمُّم نہ ٿو ڪري سگهي تہ ڪو ٻيو ڪرائي ان ۾ تَيَمُّم ڪرائڻ واري جي نيّت جو اعتبار ناهي جنهن کي تَيَمُّم ڪرايو پيو وڃي ان کي نيّت ڪرڻي پوندي.

(ايضاً ص 354، فتاويٰ عالمگيري ج 1 ص 26)

**مدني مشورو:** وضو جا احڪام سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل رسالو "**وضو جو طريقو**" ۽ نماز جا احڪام سکڻ جي لاءِ "**نماز جو طريقو**" جو مطالعو فائديمند آهي.

**يَا ربّ مُصطَفيٰ!** اسان کي بار بار غسل جا مسئلا پڙهڻ،

فرمانِ مصطفي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو تہ تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

سمجهڻ ۽ ٻين کي سمجهائڻ ۽ سنّت جي مطابق غسل ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ. اٰمِين بِجاہِ النّبيِّ الاَمِين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| درود شريف جي فضيلت | 1 | بَرسات ۾ غُسل | 13 |
| اَنو کي سَزا | 1 | سوڙهي لباس واري ڏانهن ڏسڻ ڪيئن؟ | 14 |
| غُسل جو طريقو | 2 | بنا ڪپڙن جي وهنجڻ وقت احتياط | 14 |
| غُسل جا ٽي فرض | 3 | غسل ڪرڻ سان نزلو ٿيندو هجي تہ؟ | 14 |
| ﴿1﴾ ڪُرڙي ڪرڻ | 4 | بالٽيءَ سان وهنجڻ وقت اِحتِياط | 15 |
| ﴿2﴾ نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻ | 4 | وارَن جي ڳنڍ | 15 |
| ﴿3﴾ سڄي ظاهري جسم تي پاڻي وهائڻ | 5 | قرآن پاڪ پڙهڻ يا ڇهڻ جا 10 مسئلا | 15 |
| غُسل جا 21 اِحتياط | 5 | بي وضو ديني ڪتابن کي هٿ لڳائڻ | 17 |
| عورتن لاءِ 6 احتياط | 6 | ناپاڪائي جي حالت ۾ دُرود پڙهڻ | 17 |
| زخم جي پٽي | 7 | آگر ۾ مَس (Ink) جو تهہ جميل هجي تہ؟ | 17 |
| غُسل فرض ٿيڻ جا 5 سبب | 7 | ٻار ڪڏهن بالِغ ٿيندو آهي؟ | 17 |
| نِفاس بابت ضروري وضاحت | 8 | ڪتاب رکڻ جي ترتيب | 18 |
| پنج ضروري احڪام | 9 | ڪاغذن ۾ پُڙي ٻڌڻ | 18 |
| هٿ سان مَني خارج ڪرڻ جو عذاب | 9 | مُصلي تي ڪَعبَةُ الله جي تصوير | 19 |
| وهندڙ پاڻيءَ ۾ غُسل جو طريقو | 10 | وَسوَسَن جو هڪ سبب | 19 |
| ڦوهارو وهندڙ پاڻي جي حڪم ۾ آهي | 11 | تَيَمّم جو بيان | 19 |
| ڦوهاري جا احتياط | 11 | تَيَمّم جا فرض | 19 |
| W.C جو رخ صحيح ڪريو | 12 | تيمم جون 10 سنتون | 20 |
| ڪڏهن غسل ڪرڻ سنت آهي | 12 | تَيَمّم جو طريقو | 20 |
| ڪڏهن غُسل ڪرڻ مُستَحَب آهي | 12 | تَيَمّم جا 25 مدني گل | 21 |
| هڪ غُسل ۾ مختلف نيتون | 13 | فهرست | 26 |


# ماخذ و مراجع


| کتاب | مطبوعہ | کتاب | مطبوعہ |
|---|---|---|---|
| سنن ابی داؤد | احیاء التراث العربی بیروت | فتاوی عالمگیری | دار الفکر بیروت |
| مسند ابو یعلی | دار الکتب العلمیۃ بیروت | در مختار و رد المحتار | دار المعرفۃ بیروت |
| جوھرہ | باب المدینہ کراچی | فتاوی رضویہ | رضا فاؤنڈیشن لاھور |
| حاشیۃ الطحطاوی | باب المدینہ کراچی | بہار شریعت | مکتبۃ المدینہ باب المدینہ |
| البحر الرائق | کوئٹہ | کیمیائے سعادت | انتشارات گنجینہ تہران |

